حضرت سيد صاحبڏني شاهہ صوفي القادري سروري جو

ڪلام



ابيات

١

ايمان سلامت هر کوئي منگي، عشق سلامت هجي،
منگا عشق ملي ايمان، تنهنجي مثلحت کيهي کجي،
لَن تَنالوا البرَّ حَتا تنفقونَ، سر مال فدا آسٹي کجي،
"صاحبڏني شاهہ" سڪ سوز سان، سر سينگاري ڏجي،

٢

منهنجو ماءُ مجاز، تنبي تن تالان کيو،
وڃي پيو وجود ۾، سورن سندو ساز،
"صاحبڏني شاهہ" صنم جي، نهوڙي وڏو ناز،
پڏو مون آواز، هيبتناڪ حسن جو.

٣

هيبتناڪ حسن جو پتو پيو جن،
وين وسري وجود کان کايا مايا ڏن،
نيکي بدي ناموس ڏي، کامل نہ ڏين کن،

"صاحبڏني شاهہ" جن، اچي عشق امام ٿيو.

۴

اچي عشق امام ٿيو، تنهن برهہ چوائي بانگ،
انا ال کافر انا ال کافر انا ال مشرک انا ال مشرک انالحق اناالحق،
سولي سايو سانگ،
"صاحبڏني شاهہ" سر جو تون، سالک رک نہ سانگ،
آهي ملهہ انالحق آواز جو.

۵

پريو مچ مجاز جو پتنگ ڪيو پرواز، سڙي ويا سوز ۾ ڏسي نظر ناز،
سالک حسن جي سير جو ڪي رند پروڙين راز،
"صاحبڏني شاهہ" اچي زوم سان، جيئن بحري اچي باز،
حسن آشهباز چائي ويو چنبن ۾.

٦

پريو مچ مجاز جو شمع ڪيو شعاع، پروانا سيپ پچي پيا،
منجهہ عشق جي آڙاهہ، العشق نار يحرک سچو هي گواهہ،

"صاحبڏني شاهہ" آهي، بلبل باغ حسن جو.

٧

بلبل باغ جو ڪري سير سلطاني، غير نہ آڻ شڪ نہ ڇاڻ،
سڄاتم سير سبحاني، پولي پولي پاجهہ جي ڪري لات لاثاني،
لاالہ الاالله محمد رسول الله فدا ٿيو فاني،
"صاحبڏني شاهہ" عرق غرقاني، بيشڪ بحر حسن جو.

٨

مونکي ماءُ مجاز وادوڙين جان ويو،
ڪمينا ڇاٽن ڪينڪي رمز انهيءَ جو راز،
اچي ٿو عوشاقن تي جيئن بحري اچي باز،
وجهي چنبا چست ڪري پوءِ ڪري پرواز،
اماڻي انهيءَ ملڪ تي، جتي ڏوهہ نڪو ثواب،
تون مان ڪانڪا، نڪو سوال جواب،
"صاحبڏني شاهہ" چوي آهي نينهن نواب، حڪم هلائي پنهنجو.

٩

مرم ماروئڙن جو مونکي ٿو ماري، لوئي نہ لاهي پٽ نہ پائي،
پئي سانگهئيڙا ساري، ڪري ياد پيڪن کي ڳوڙها ڳل ڳاري،
ڪري قرب کن ڪنيز سان ايندم او تاري،
"صاحبڏني شاهہ" چوي تار من تاري، ويندا هن ولهي کي.

١: كافي روپ تلنگ

خارج مني نہ مني، علي؄ اعليٰ شاني، علي؄ اعليٰ شاني ثابت وچ قرآني.

١۔ ڈيکو وچ حديثي، کري کون ريسي،

منکر مول نہ مني، احمق پٹ ابليسي، نبيﷺ آپ فرمايا، ميڈا جگر جاني.

٢۔ علي؄ کعبي وچ جايا، نبيﷺ لسان چوسايا،

سارا علم سکايا، بيحد جنهن دا بياني.

٣۔ نبيﷺ مونڈي تي چايا، حيدر؄ بت ہن آيا،

مولیٰ شان وڈايا، سلطان سُلطاني.

۴۔ نائب نبيﷺ دا آيا، سارا کفر کنبايا،

منکر مار منايا، تابع جن انساني.

۵۔ جيتر علي؄ نہ آيا، خيبر فتح نہ پايا،

مرحب مار ڈکايا، سُٹيا ساري جهاني.

٦۔ لگي احد لڑائي، پج گئي سپ جهاني،

نبيﷺ رهيا تنهائي، علي؄ وچ ميداني.

٧۔ مشکل پيش جو آوي، علي؄ اسم کم آوي،

حيدر؄ حل کر چڑاوي، ٹي مولیٰ مهرباني.

٨۔ "صاحبڈني شاهہ" ثناگر، غلامان غلام قنبر،

سُٹ تون شاهہ، تونگر، داتا ملي داني.

٢: ڪافي روپ ڪوهياري

سڀ تتبيران ترڪ ڪري، ٿيا تابع سڀ تقدير جا، قدير جا.

١- عباس علي[٤] منڊي مشق پائي جي،

وڍيا ويرن بازون، ويرجا تہ امير جا.

٢- سِر قاسم[٤] جي سهن سهرا جيئن،

جلوا بدر منير جا تہ اڪسير جا.

٣- اصغر[٤] اجايل جهليو تير حلق ۾،

جنهن جا لب لعابي، ڪير جا تہ صغير جا.

۴- حُر هوشيار همٿ سان آئي،

پير چميا تنهن پير جا تہ شبير[٤] جا.

۵- هڪ هزار تو سو بهتر صفوان،

زخم ڪاري تير جا تہ علي[٤] جي ويرجا.

٦- عشق جا ڳهٽا ڳل عابد[٤] جي،

پيرين توڪ زنجير جا تہ اسير جا.

٧- "صاحبڏني شاهہ" ڪر تون صبر سالڪ،

اعليٰ شان امير[٤] جا تہ ظهير جا.

٣: ڪافي روپ پهاڙي

عشق سندو امتحان، شاهہ شبير[٤] سان ٿيو بيحد بالا.

١. ڪربلا ڏي ڪاهي ڪامل آيا، سر ڏيڻ جا ڪيائون سعيا،

مڙيا نہ مستان، ذڪر زبان هُن ذوالجلال.

٢- مرد ميدان ۾ آيو علي اڪبر[٤]، هم شڪل هو پاڪ پيغمبرﷺ،

ٿيا حرامي حيران، شير شهادت جا پيتا پيلا.

٣- قاسم[٤] چاچي ڪان آيو موڪلائي، بار هجر جا سر تي چائي،

شاهہ وڏي سان شان، سر ڏيئي ٿيو افضل اعليٰ

٤- عباس علي[٤] ڪيو پاٽي جو سعيو، مشڪ منڊي فرات تي آيو،

بازو وڍيس بي ايمان، ڪوفين ڪيڙو ڪيس ڪمالا.

٥- اصغر[٤] اجايل آيو هٿن تي چائي، موٽيو پنتي معصوم مارائي.

ڪيڏو صبر ڪيو سلطان، تير حلق ۾ جهليو ڇڳڻ ٻالا.

٦- حر حبدار ڇڏيو پليتن جو پاسو، آيو امام وٽ خادم خلاصو،

سر ڪيائين قربان، جاءِ جنت ۾ جڙيس بالا.

٧- سردار شهيدن جي شهادت پائي، زلزل زمين ڪئي آسمان انداهي،

ڪل پئي ٿي ڪا نہ، صحي روايت جو سچو آ قولا.

٨- هٿين پير ڳل طوق زنجيرن، علي عابد[٤] ڪيو قيد بي پيرن،

شاهہ پڙهي شڪران، پيرين پيادي ڪيا ڪيڏا ڪشالا.

٩- "صاحبڏني شاهہ" چوي عشق عطا ڪر، ڪوڙ ڪچايون معاف خطا ڪر،

داتا گھران ٿو دان، حب حيدر[۴] جي ڏي رب تعالي.

۴: ڪافي روپ آسا

عجب گھر عشق جو افضل، ڪنھن کي ھٿ جي ايندو آ.

۱. جڏھن آيس عشق جي دڳ تي، وھائين ڪات رڳ رڳ تي،
ڪفر اسلام ناھين اڳتي، دوئي جا دام ٽوڙيندو آ.

۲. مرشد ڏني مام منصوري، ستياسي ڪنز ڪدوري،
سمايو عشق سيني نوري، سولي نيٺ نيندو آ.

۳. اصل کان عشق آھي آتش، رکي نہ نينھن نزاکت،
ڪري مجنون جان وري مستي، بيرنگ باھم جالينڊو آ.

۴. "صاحبڏني شاھہ" سوز ۾ سارو، چاتائين برھہ جو بارو،
ھيائين نينھن جو نعرو، گھي گھي گم بہ ٿيندو آ.

۵: ڪافي روپ آسا

نال ماهي دي جال وي ميان، هُو حق هادي حاضر ناظر.

۱. حُب حيدر هر رک تُون، اها سُرت سنيال وي ميان،
پڪڑ دامن تون علي[۴] اعليٰ دي، ٿيسي ڪمال وي ميان.
۲. دم دي نال تون جال هميشہ، دم هيئي وصل وصال وي ميان
دم دريا سموندبون اونهان، نہ ڪوئي مثل مثال وي
پريم پيالا پر ڪر پيتم، هٿ هادي دي نال وي ميان،
غفلت غير وجايس هڪدم، ڪر ڪي بِرهہ بحال وي ميان.
"صاحبڈني شاهہ" گم ٿي غازي، مڙڻ هئي تہ محال وي ميان

٦: ڪافي روپ آسا

عشق جو باري بار وي ميان، چمي عوشاقن چاهہ سان چايو.

دام زلف ۾ جيڪي آيا، تن بار ملامت سر تي چايا،
بدنامي جا ڳل ڳانا پايا، نينهن ڪيا نروار وي ميان،
عشق اندر ۾ ڏنن اوراتو.
باهہ برهہ جي جن کي جلايو، اناالحق آواز الايو،
سر سولي تي سورهہ ملهايو، عاشق ٿيو اثبات وي ميان،
مُلن مُلائن ڪين سجاتو.
عاشق اَڏي تي اڪيرئون آيا، قدم قرب جا تن پرتئون پايا،
سر ڏيڻ جا اٽن سعيا، گام وڌائن گام وي ميان،
پيغمبرن اُتي پير نہ پاتو.
مهمير آکين ڪيئي ماري ڇڏيا، ڪن ڳاراڻي سر ڳاري ڇڏيا،
.....، جاڻ اکين جو جاڻ وي ميان،
"صاحبڏني شاهہ" سير سجاتو.

۷: ڪافي روپ آسا

ديدن جي درياءَ ۾ عاشق گم ٿيا، غازي غرق غواصي،
پتو تنهن کي جو پيڙو، اوري ڇڏيائون لک چوراسي.

ديد ۾ ڪن ٿا ديد درازي، راز انهيءَ ۾ رند ٿيا راضي،
ڇا وري ڇاڻن ملا قاضي، الٽ عينن جي ڪار وي ميان،
ڇاڻ سان ڇاڻن عليل اداسي.
ديد ڪري ٿي جا تي امارو، ڪنڊي ڪين جو ڪين ڪنارو،
نانگا هڻن ٿا نينهن جو نعرو، لاحد ٿيا لاثان وي ميان،
ڪين ڦاسايا ٻي ڪنهن ڦاسي.
نفل نگاهه ۾ جيڪي آيا، صوفي صورت سپ ۾ سمايا،
گهور اکين جي جيڪي گهايا، ڪين ڪرن اظهار وي ميان،
پي پيالو پريم پياسي.
"صاحبڏني شاهه" سر سجاتم، پاڻ ۾ پرجهي پاڻ سان ڇاتم،
پکو پيچ پريت جو پاتم، ڪري نفي اثبات وي ميان،
بيخودي ڪئي خودشناسي.

٨: ڪافي روپ آسا

عشق اصل عريان، ڪين لڪي توڙي ڪو لک لڪائي.

عشق جي آتش ساڙي، سنڌن ڪي جلد جلائي جان،

مرد مري ڪو مطلب پائي.

سورهه سنيري چڙهيا سولي تي، ڪَل مُلن ڪي ڪانه،

ڪو ذات ظهورو عبد ۾ آهي.

ويا ناسوتئون نيهي نڪري، لاهوتي لامڪان،

قصدئون ڪام قدم ڪڏائي.

"صاحبڏني شاهه" برهه بهاري، وسائي ويراني،

لام الف سان چڏائين لائي.

۹: ڪافي روپ لوڙائو

ناهن منجهئون نروارتي آيم، ڪرڙ سير صفاتي.

عدم مان آدم ٿي آيم، پرتئون پاتم پير.

احدئون احمد بہ مين هون، ڦند ناهي ڦير.

غالب مين مغلوب بہ مين هون، قادر ٿئي ٻيو ڪير.

دلق پوشي آ دولت خانو، لهي ڪو مرد مٿير.

ڪوڙين من ڪو ڪامل لهندو، ٻون انهيءَ جو ٻير.

"صاحبڏني شاهہ" نفي اثبات ڪيو، ويري رهيو نڪو ويڙ.

١٠: ڪافي روپ لوڙائو

عشق آفات آهي اسد الاهيءِ، لحم لگڻ جو لاهي ٿو،

ماس هڏيون هڏ ڪائي ٿو.

عشق علم اچي جاتي کوڙيءِ، جهنبو جهاد ڪرائي ٿو،

ماري منڪر مار ڪرائيءِ، فتح فياضي پائي ٿو.

عشق امانت خاص الله جيءِ، منڪر منجهه تہ مٽائي ٿو،

جنهن چمي چت چاهه سان چاتوءِ، سر سارو سمجهائي ٿو.

عشق جو اُلو جنهن تي پيئڙوءِ، پاري پيڙ مچائي ٿو،

ساڙي ڇڏي ٿو سپ سنڊن کيءِ، باقي ذات بچائي ٿو.

پير مغان جڏي پريت وڏائي عشق عطا تان ڪرائي ٿو،

”صاحبڏني شاهه“ پڙهه شڪرانا، محبت مچ مچائي ٿو.

۱۱: ڪافي روپ لوڙائو

سڪ صنم جي سخت ستايو، اکين آرام نہ آيو آ.

آکين آرام نہ آيو آ، نيٹن مان نير وهايو آ.

ساعت سڃڻ تو کان جدا نہ جاليان، جدائي جسم جلايو آ،

ڏينهن ڏکن جو وڏو ورهہ کان، ساعت سال مون ٻانيو آ.

وينِي نهاريان وات اوهان جي، پرين پيغام نہ آيو آ،

ماڻان نہ ڪر محب ماندي سان، پاند ڳچي مون پايو آ.

عشق اونهانجي آتش لائي، برهہ ٻيڙ مچايو آ،

روز ساڙي تو سور سدائين، پريم پليتو لايو آ.

ڪانون ڪانگيرو گم ٿي ويڙو، عشق عقاب اڏايو آ

اماڻي ڇڏيائين ملڪ انهيءَ تي، جاتي ڇٽيو نہ ڇايو آ.

سڪندي سڪندي سال گذاريم، واحد وصل ڪرايو آ،

هادي حمايت حق ٿيو، حاصل صحيح سر سمايو آ.

"صاحبڏني شاهہ" گم ٿيو گر ۾، گم ٿي غير وجايو آ،

گُم ٿيڻ ۾ هٿي هدايت، هادي حق سمجهايو آ.

١٢: ڪافي روپ لوڙائو

مون کي ماروئڙن جي، اندر منجھ اُڪير،

پنج تون قيد، لاھج نيل زنجير.

تنھنجا تول وھاڻان، مون کي مول نہ پاڻان،

واري ڪن وچاڻان، مارن منجھ ملير.

پٽ نہ پائيندس، لوئي لاھيندس،

مارو نہ لڄائيندس، عمر ڄام امير.

تنھنجون تھريون طعام، وڻن ڪيئن وريام،

اچي ڪين آرام، محلاتن ۾ مير.

”صاحبڏني شاھ“ ساري، ويھان ڪيئن وساري،

ايندا شل اوتاري، وھلو وِلھن ويرِ.

۱۳: ڪافي روپ لوڙائو

مونکي ماروئڙن جا، پلپل پور پون،

پلپل پور پور، ساڙيون سور وجن.

ماتم ٿيو ملڪ ۾، لڏيا لعل وجن،

سامي هليا سفر تي، پورب پنڌ پچن

محبت سندي ميدان ۾، سورهه سر ٽا ڏين،

اچي اڏي ڪي آر تي، ڪوپا ڪنڌ ڪسن.

رات روئي رت گاڏون، موڳا ماڪ پوڻ،

دانهون درد فراق جون، ٻهڳڻ مثال ٻڌن.

”صاحبڏني شاهه“ چوي شوق مون، پرين پنهنجو ڪن،

قرب مجائين پنهنجو، گڏجي شال گڏن.

۱۴: ڪافي روپ جوڳ

ناهِ ۾ جو ناهه ٽيڙا، ناهه ڪيا نانگهه نظر،

الا الله اثبات ڪن، بقا بهادر باخبر.

آيا اڏي جي آر تي، قربڻون قتل جي ڪار تي،

سِر ڏنڻون اقرار تي، عطا ٿين ازلي اثر.

نيزي نظاري نينهن جي، محبت و سائين پنهنجي،

شوقڻون شهادت شينهن جي، ڪوپا ٿيا ڪامل اڪثر.

"صاحبڏني شاهه" صاف آ، عاشقن انصاف آ،

مرڻ تنهن تڻون معاف آ، زنده رهن ٿا جي خطر.

۱۵: ڪافي روپ جوڳ

ديد ۾ ديد ٿيا، ڏيئي سِر عوشاق شهيد ٿيا.

جيڪي موج مجازي ۾ آيا، اوهي ڄاڻ آهين جو ڄاڻن،

ثابت سر ڪري تہ سڃاڻن ٿا، اوهي مرد ميثاقي تجريد ٿيا.

جيڪي دام اڪين جي ۾ آيا، تن پيچ پريت جا پايا،

اٿن سِر ڏيڻ جا سعيا، پي جام وصال وعيد ٿيا.

جيڪي رمز اڪين جي ڄاڻن ٿا، پنهنجو پاڻ ڪي پاڻ سڃاڻن ٿا،

نہ ڪا تاڻ ٻي تاڻن ٿا، حملي حسن واري ۾ بريد ٿيا.

"صاحبڏني شاهہ" ترڪ آ، بحر حسن ۾ غرق آ،

محبت وارن اهو مرڪ آ، جملي جوش وارا سپ مريد ٿيا.

١٦: ڪافي روپ جوڳ

عشق عقل سان ڪيون ڪيون، منيون ساري جهان جون،

ساري جهان جون، جڳ جهان جون.

عشق عقل سان ڪيون هن تعديون، تاب ڏيڪاري تيون تيون،

جوش و ڏي جوادن جون

عشق اچڻ سان علم عقل جون، پاڙان پٽجي ويون ويون،

سُرت واري سامان جون.

حُسن جون فوجان سر عاشقن اچن، اُمالڪ سَيون سَيون،

تاب و ڏي طولان جون.

رندن روز الست ازل کان، عشق امانت کيون کيون،

سر نيزي نشان جون.

برهہ بهادر جنگ جدل جون، فوجان فالم ڪيون ڪيون،

عشق آلي اعليٰ شان جون.

انا احمد بلاميمي بي خودي خود چيون چيون،

اناالحق الحام جون.

"صاحبڏني شاهہ" برهہ جو باتيون، نينهن سڌايون نيون نيون،

ثابت صحيح سِر سبحان جون.

١٧: ڪافي روپ جوڳ

سڄڻ اوهان ڪي سِڪ ۾ ويندس محب مري،
درد اوهان جي دلبر، چاڪن ڪئي هان چري.
جدائي ڪر نہ جاني، فراقن ڪئي هان فاني،
روز پاڪاري پانهي، ڪر تون وصال وري.
توبهہ توبهہ زاري، در در وڇوڙي ماري،
گهور نہ وجهہ تون گهاري، توڙي هان عيبن ڀري.
نينهن صدورو ٽيندو، پنهل مون وٽ ايندو،
ڏيهہ واڌايون ڏيندو، ويندو نہ شال وري.
"صاحبڏني شاهہ" سوالي، برهہ رهي برحالي،
اڪ عاشقن جي عالي، جنهن ڪي آ ذوق ذري.

۱۸: ڪافي روپ جوڳ

جي اچي محبوب مون گھر، ھاڻي حاضر ڇا ڪريان،

مال مڏيون محبوب تان، سر ساھ ۾ي صدقي ڪريان.

حال ھن ھجر سندو، محبوب تو معلوم آ،

واڳان وصل جون آءٌ تون واري، مون مٿي جيڪر جيان.

عرض ٿو عاجز ڪري، تون منا منظور ڪر،

عشق عالي برھ بالا، ڏي سھاڳ سُھاڳ ٿيان.

مون موالي ھان سوالي، آيس مان ميخان تي،

جام صراحي مون ملي، پيالا پريمي ٿو پيان.

مٿي کان پوءِ منھنجي قبر تي، جي اچين محبوب تون،

نڪري قبر کان مون ادب سان، سو پيرا سجدو ڪيان.

"صاحبڏني شاھ" فڪر ڪر، ھر دم حياتي ذڪر ڪر،

يادگيري نانھين جنھن کي، نامرد مادیون ميان.

۱۹: ڪافي روپ ييروي

پاند ڳچي پائيندس، پنهل پرچائيندس،

بديون بخشائيندس، مون ۾ عيب هزار.

ميري آهيان مندي آهيان، گدلي مون گندي آهيان،

دوست وسندي آهيان، ڪج ڪامل مونکي قربدار.

لنگڙ لچي آهيان، ڪميڻي ڪچي آهيان،

ڏولیا مون ڏٽي آهيان، لاڄ ڳچي تنهنجي آهي لڄدار.

ننڊر نماڻي سان، عيبن هاڻي هان،

ورهه وڪاڻي سان، اچي مل تون مهندار.

سڄڻ سنياريان ٽي، پل نه وساريان ٽي،

پنهل پڪاريان ٽي، ڪري ياد تو کي يار.

"صاحبڏني شاهه" پنهل ايندو، ڏُٽ ڏٽي جا ڏول ڏيکيندو،

نال وڃي ننڊر کي نيندو، عيب اجهل مون ۾ آهن اپار.

٢٠: ڪافي روپ تلنگ

ماندي مران ٿي، ڳار ڙين ڳران ٿي، پلپل پنهل آهي تنهنجي پچار.

سڄڻ سنياريان ٿيم دم نہ وساريان ٿي،

ڀڳڙ ڀاڪاريان ٿي، ڪري ياد تو ڪي يار.

ڇا ڪئون ڇڏي وئين، گوندر گڏي وئين،

پرچ پرين لهہ سوڍل سنيار.

محب سان ملندس، خوش ٿي ڪلندس،

مساڳ ملي مون ڪندس سينگار.

"صاحبڏني شاهہ" پرين شال ايندا، ننڊر نماڻي گولي گڏيندا،

ويندو وڇوڙو ڪندو ڏئي نہ ڏار.

٢١: ڪافي روپ تلنگ

پاڻ آهيان حق پاڪ، بشري برقي چاڪ چوايم.

اصلئون آهيان لامڪاني، آدم تڪيو ڪيم نشاني،

عشق ڪيو عوشاق وي ميان، عهدئون آڻي عبد سڏايم.

لاالہ نفي نابود جي ڪيڙم، الا اللّٰه اسم معبود جي ٽيڙم،

عرش زمين افلاڪ وي ميان، هر جاءِ هر هنڌ سِر سمايم.

صورت صنم جي شور مچايم، باري بار برهہ جو چايم،

نڪري ٽيس نروار وي ميان، ڪنت ڪنزا پول پلايم.

عدم ڪان هت ٽي آيم، نا ڪنهن ڇٽيل نا ڪنهن ڇايم،

پرتئون ڪري پاسار وي ميان، "صاحبڏني شاهہ" نام سڏايم.

٢٢: ڪافي روپ پهاڙي

جڏهن برهہ ڪيو بيدار اديون، آڻي عشق ڪيو اظهار اديون.

نانگہ نظارو نور آهي، هر دم وارن کي حضور آهي،

دائم دردوندن دستور آهي، نيٽن نير وهائي نار اديون.

صورت صنم جي شور ڪيو، ٿي هوش عقل حيران ويو،

پرٽئون پاڪ پنهل سان پيچ پيو، هر دم حال هٿ هوشيار اديون.

هر دم حال حلاجي ۾ رند رهن، ڪاڪيون ڪين سجاڻين ڪين چون،

وڻي ڪين ڪنارو ڪين ٿين، هر دم ڪين ڪرن اظهار اديون.

"صاحبڏني شاهہ" ٿي گر ۾ گم، پڙهہ فرض فنا ڪر خوب ختم،

تڏي معاف ٿئي سارو جرن جنم، حاصل حال همہ هموار اديون

٢٣: ڪافي روپ مانجھ

تو ڪئون يار سھڻا، ڳڻتن منجھ ڳري،
هيڪر ملان هڪ واري، ڪامل ڪرم ڪري.
جاڪون جدا ٿيو جاني، ملڪ سارو ويراني،
ڪيئن ڪري هي ٻانهي، ٿيڙو پنڌ پري.
دوست اوهانجي غم ۾، توکي ساريان دم دم ۾،
قبضو نہ پئي ڪم ۾، تو ۾ ديد ڏري.
موهيس تنهنجي ماڻين، ڄاڻيندڙ رب ڄاڻين،
ڪين لبي هان ناڻي، دلڙي خريد ڪري.
سڃڻ اوهان سڪ ۾، ڪين لکي هان لک ۾،
ديد اٿم تو هڪ ۾، محبت منجھ مري.
”صاحبڏني شاھ“ ساري، پلپل ٿو پڪاري،
واڳ ولهي تي اچ واري، قربئون قدم ڏري.

۲۴: ڪافي روپ تلنگ

عشق ڪيو اظهار، صورت صنم جي شور مچايم.

عدم چڏي هت آدم آيم، نہ ڪنهن ڇٽيل نہ ڪنهن ڇايم،

برهہ ڪيو بي قرار، احدون آڻي عبد سڏايم.

بي مثلي آهي ذات اسانجي، نالو صورت آهي صفات اسانجي،

نڪري ٽيس نروار، ڪنت ڪنزا پول پڌايم.

حُسن پرستي آهي ذات اسانجي، گم ٽيڻ آهي گهات اسانجي،

سولي تي سريدار، اناالحق آواز الايم.

"صاحبڏني شاهہ" سِر سمايم، هر جاءِ هر هنڌ حڪم هلايم،

آهيان بي پرواهہ، سهجون آڻي سيد سڏايم.

٢٥: ڪافي روپ آسا

عشق جو ڏس انصاف وي ميان، خام خودي کي ڇڏ لهر ۾ لوڙهي.

بحر حسن ۾ جيڪي پوندا، نيهي نير وهائي روئيندا،

حال حقيقت ڪنهن کي نہ چوندا، برهہ ڪيا بيمار وي ميان،

وڏو وريامن کي نينهن نهوڙي.

عشق جي بازي کيڏن غازي، رند رضا تي رهن راضي،

ڇا وري ڇاڻن ملا قاضي، سر ڏين سردار وي ميان،

ڪنڌ ڪلهن تون ڏين تا ڪوري.

عشق آڙاهہ ۾ عاشق اچن تا، پرتئون پروانا پاڪ پچن تا،

پيڙ برهہ جا مچ مچن تا، سورهہ سي سلطان وي ميان،

وڃن ويراڳي منهن نہ موڙي.

"صاحبڏني شاهہ" عشق اڙانگو، مئي ڇڏ تون سر جو سانگو،

لنگهي وڃ تون لا جو لانگهو، ڪر نفي اثبات وي ميان،

پوجهہ پيائي جو ڇڏ تون پوڙي.

٢٦: ڪافي روپ لوڙائو

سوز صنم جي ۾ روز سڙان ٿو، عشق انبو لائي ڇڏيو،

محبت مچ مچائي ڇڏيو.

جاڪون جانب ٽيو آ جدل، مون عيش عشرت وڃائي ڇڏيو،

سڪ تنهنجي ۾ سهڻا سائين، مون نيٽين نير وهائي ڇڏيو.

فرقت تنهنجي ۾ سهڻا سائين، هجر هوش گنوائي ڇڏيو،

آ مل ماندي سان تون منڙا، وڇوڙو ورهن جو وڃائي ڇڏيو.

درد اوهان جي دلبر مون کي، سبق سورن جو سکائي ڇڏيو،

پلپل ۾ آ پچار اوهان جي، محبت مطالع ڪرائي ڇڏيو.

نيٽين نند آرام جي ويڙو، سيني سوز سمائي ڇڏيو،

"صاحبڏني شاهہ" وارو وريو، پير مغان پرچائي ڇڏيو.

٢٧: ڪافي روپ لوڙائو

عشق عجيبا تو آوڻ سيتي، غير غرور وجائي ڇڏيو،

غير غرور وجائي ڇڏيو، ذاتي جوش جڳائي ڇڏيو.

حضرت عشق جنهن سر آيو، تنهن وهم وجود وجائي ڇڏيو،

ذاتي سان وجي ذاتي رولیو، سر سارو سمجهائي ڇڏيو.

عشق امانت خاص الله جي، باقي برهه بچائي ڇڏيو،

بخشش ڪيائين يار انهن تي، جنهن سر جي سانگو لاهي ڇڏيو.

صفت ثنا تنهنجي بيحد بالا، تو ڪنت ڪنزا الائي ڇڏيو،

سالڪ سمجهي ڪو سر انهي کي، بيمثل تہ ٻلائي ڇڏيو.

”صاحبڏني شاهہ“ پڙهہ شڪرانہ، عشق عطا هر ڪرائي ڇڏيو،

ڪامل مونسان ڪري جي ڪيڙو، ڏيهہ اهو تہ ڏيڪاري ڇڏيو.

٢٨: ڪافي روپ لوڙائو

عشق عجيبا تنهنجي چال عجائب، لوڪان ڪل نہ ڪائي وو يار،

لوڪان خبر نہ ڪائي وو يار، ڪر ڪا راهہ نمائي وو يار.

عشق امانت روز ازل ڪئون، چمي عوشاقن چائي وو يار،

بان ڪري ڀيٽو پاڙي پڄي ويا مُلن مسيت وسائي وو يار.

سو سُڪن ڪيان صدقي سورن تون، جنهن بندي برهہ پڙهائي وو يار،

صوم صلوات وساري مون وينس، سُرڪي سوز چڪائي وو يار.

تال تسبي جا گم ٿي ويڙا، پريم پريت وڏائي وو يار،

"صاحبڏني شاهہ" صاف مندر ٿيو، عشق امانت آئي وو يار.

۲۹: کافی روپ آسا

جسم بھی میں ہوں، جان بھی میں ہوں، برہ بدل باران بھی میں ہوں۔

گنگا میں ہوں، جمنا میں ہوں، لچھمن رام تے کان بھی میں ہوں۔

عیسیٰ میں ہوں، الیاس میں ہوں، نوح اُتے طوفان بھی میں ہوں۔

احد میں ہوں، احمد بھی میں ہوں، ثابت سر سلطان بھی میں ہوں۔

عرش بھی میں ہوں، فرش بھی ہوں، سارا جملے جہان بھی میں ہوں۔

فنا بھی میں ہوں، بقا بھی میں ہوں، 'صاحبڈنہ شاہ' سبحان بھی میں ہوں۔

۳۰: کافی روپ سورٹھ

گر گیان بتاؤں رے سکھی ری، میں تو منکر مار مناؤں۔

عشق آفات اور عام نہ آون، شیر شہید کراؤں۔

مام منصوری بیخود کیا، سولی سر چڑھاؤں۔

پیر مغاں ہے پریت میری، میں نفی ناد بجاؤں۔

'صاحبڑنہ شاہ' حال حُلاجی، انا الحق الاؤں۔

۳۱: کافی روپ تلنگ

داس ہوں میں داس ہوں، دن رین پیا کی پیاس ہوں،

گُر کوں بندے نے کیا بتایا، خام خودی سے خلاص ہوں۔

سر سیس گرو کے چرنے ہوں، جیتے ہوں نہ مرتے ہوں،

کب راما اُتار اُترتے ہوں، کب عیسا ہوں کب الیاس ہوں۔

کب داراشاہ سکندر ہوں، کب گورکھ ناتھ مچھندر ہوں،

کب جوگ جگت کے اندر ہوں، کب تو خاص الخاص ہوں۔

کب مسجد ہوں، کب مندر ہوں، کب عشق آزاد سمندر ہوں،

کب صوفی مست قلندر ہوں، کب اڑتا پون آکاس ہوں۔

کب 'صاحبڈنہ شاہ' شائق ہوں، کب لام اللہ سِر لائق ہوں،

کب فقر فیاضی فائق ہوں، کب آدھوتی تہ اداس ہوں۔